
هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

(18-August-2016)



## دل جي سختي

(SINDHI)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# دل جي سختي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مُصۡطَفٰي صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جڏهن جمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ شبِ جُمُعہ مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي.

(اَلۡفِردَوس بماثور الۡخِطاب ج١ص١٨٤ حديث٦٨٨)

يانبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُوۡد و سلام    اِس پہ ہے ناز مجھ کو ہُوں تیرا غلام

اپنی رحمت سے تُو شاہِ خَیرُ الآنام    مجھ سے عاصی کا بھی ناز بردار ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1_ بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 _ جيترييون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دل ڇو سخت ٿيندي آهي؟ دل جي سختي جا ڪهڙا ڪهڙا نُقصان آهن؟ ان جو علاج ڪهڙي طرح ممڪن آهي؟ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان ان جي باري ۾ مدني گل حاصل ڪرڻ

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

جي ڪوشش ڪنداسين، اچو! پهريان هڪ سخت دل شخص جو دِل ڏڪائڻ وارو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، نهايت توجهه سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيو.

## هڪ ڏينهن جي ٻارڙي کي زنده دفن ڪري ڇڏيو

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ ڳوناٺي علائقي ۾ بي رَحُم پيءُ هڪ ڏينهن جي ٻارڙي کي زنده دفن ڪري ڇڏيو! پوليس مُلزَم کي گرفتار ڪري ورتو. تفصيل مطابِق مُلزم جي گهر ڇهين (6) نياڻي پيدا ٿي هئي. ظالم پيءُ جو چوڻ آهي ته ان جي نياڻي بدصُورت هئي، ان جو چهرو بگڙيل هو، جنهن تي ان ڊاڪٽر کي ٻارڙي کي زهر ڀريو انجڪشن لڳائڻ جو چيو، ڊاڪٽر جي اِنڪار تي ان ٻارڙي کي زنده دفن ڪري ڇڏيو.

( زنده بيٽي کنويں ميں پهينک دی، ص4، روزنامه جنگ آن لائن 14جولائي 2012 بِالتصرف)

## ناحق قتل جو وبال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته ڪهڙي طرح ان سخت دل بي رحم پيءُ پنهنجي نياڻي کي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ان ۾ ٻارڙي يا ان جي ماءُ جو ڪهڙو قُصور؟ هي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَشيت آهي اهو جنهن کي چاهي پٽ عطا ڪري، جنهن کي چاهي نياڻي سان نوازي.

ياد رکو! نياڻي جو قتل هجي يا پٽ جو يا ڪنهن جو به دينِ اسلام ۾ ناحق قتل حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي:

1. جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا ڪنهن مسلمان جي قتل تي گڏ ٿين



www.dawateislami.net

تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ سيني کي اونڌي منهن پر جهنَّم ۾ داخل ڪندو.

(معجم صغير، ص۲۵۰،الجزءالاول )

## دل جي سختي ڇاآهي؟

ناحق قتل ۽ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گناهہ ٿيندا آهن ان جو هڪ سبب دل جي سختي بہ آهي، دل جي سختي ڇا آهي؟ اچو ٻڌون ٿا! جيئن

مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل تفسير"صراطُ الجنان" جلد 4 صفحي 370 تي آهي: دل جي سختي جو مطلب هوندو آهي جو مَوت ۽ آخِرت کي ياد نہ ڪرڻ جي سبب دل اهڙي سخت ٿي ويندي آهي جو نصيحت دل تي اثر نہ ڪري، گناهن جي رغبت ٿئي، گناهہ ڪرڻ تي ڪا شرمساري نہ ٿئي ۽ توبهہ جي طرف توجهہ نہ هجي. (صراط الجنان ،ج۴،ص۳۷۰)

ياد رکو! دل جي سختي جو مرض ڪا معمولي بيماري نہ آهي بلڪہ ايتري قدر تباهہ ڪن آهي جو قرآنِ پاڪ ۾ بہ باقاعده سخت دل ماڻهن جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي، جيئن سيپاري 1،سُوْرَۃُالْبَقَرَہ، آيت نمبر74 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي:

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ

(پ:١،البقرة:74 )

**ترجموڪنزُالايمان:** ان واقعي ڪانپوءِ وري بہ اوهان جُون دليون سخت ٿِي ويون (ف۱۳۴) ڇڻ تہ اُهي پٿر آهن، بلڪہ ان کان بہ وڌيڪ سخت،



www.dawateislami.net

## پٿر کان وڌيڪ سخت دل!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيتِ مُبارڪ ۾ جن سخت دل ماڻهن جي مذمّت بيان ڪئي وئي آهي، ان مان مُراد بني اسرائيل جا اهي ماڻهو آهن جيڪي حضرت موسيٰ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي زماني ۾ موجود هئا، ان جي باري ۾ فرمايو ويو ته وڏين وڏين نشانين ۽ حضرت موسيٰ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا معجزا ڏسي ڪري به اُنهن عبرت حاصل نه ڪئي، انهن جون دليون پٿرن وانگر ٿي ويون هيون بلڪ انهن کان به وڌيڪ سخت، ڇوته پٿر به اَثر قبول ڪندا آهن، جو انهن ۾ ڪنهن مان نديون وهي نڪرنديون آهن، ڪو پٿر ڦاٽي ويندو آهي ته ان مان پاڻي وهندو آهي ۽ ڪو خوفِ الٰهي مان ڪري پوندو آهي جيئن الله تَعَالٰي کي منظور هوندو آهي پر انسان جنهن کي بي پناهه اِدراڪ ۽ شُعُور ڏنو ويو آهي، (جنهن جا) حواس قوي آهن، عَقُل ڪامل آهي، (ان جي اڳيان) دَلائل ظاهر آهن، (۽) عبرت و نصيحت جا موقعا مَوجُود آهن پر پوءِ به الله تَعَالٰي جي اطاعت و بندگي ڏانهن نٿو وڃي. (صِراطُ الجِنان، پاره ١، ص ١٤٦، جلد1)

سلسلہ آہ! گناہوں کا بڑھا جاتا ہے
نِت نیا جُرم ہر اِک آن ہوا جاتا ہے

قلب پتھر سے بھی سختی میں بڑھا جاتا ہے
خول پر خول سیاہی کا چڑھا جاتا ہے

لاؤں وہ اشک کہاں سے جو سیاہی دھوئیں
گندگی میں مرا دل حد سے بڑھا جاتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## احاديثِ مبارڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي جو دل جي سختي نهايت وڏي بيماري ۽ تباهه ڪن آفت آهي. گناهن جي بيمارين ۾ مبُتلا



www.dawateislami.net

ڪرڻ ۾ هن بيماري جو وڏو هٿ آهي. ان جي تباه ڪارين جي پيشِ نظر حضرتِ عبدالله بن مُبارَڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائيندا هئا: مومن پانهي جي لاءِ سڀ ڪان وڏي سزا اها آهي جو ان جي دل سخت ٿي وڃي. (حلية الاولياء جعفرالضبيعي، ٣/٤۴) چوته دل جي سختي گُناهن ۾ اضافو ڪندي آهي، دل جي سختي دِين ڪان پري ڪندي آهي، دل جي سختي عبادت ۽ تلاوت ۽ ذِڪرُالله جي مناس ختم ڪندي آهي، دل جي سختي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪان پري ڪندي آهي، دل جي سختي بدبختي جي علامت آهي اَلْغَرَض! اها هڪ اهڙي بيماري آهي جو جنهن سان مزيد ظاهري ۽ باطني بيماريون پيدا ٿينديون آهن.احاديثِ مُبارڪ ۾ ان جي مذمت بيان ٿي آهي. اچو! هن باري ۾ وڏيڪ ٻه (2) احاديثِ طيبه ٻڌون ٿا:

1. ”سخت دل انسان الله تعالي (جي رَحۡمت) ڪان گهڻو پري رهندو آهي.“ (ترمذي، ڪتاب الزهد، ٦٢.باب منه، ۴/١٨۴، الحديث: ٢۴١٩)
2. ”چار(4) شيون بدبختي مان آهن، (1) لڙڪن جو نه وهڻ (2) دل جو سخت هئڻ (3) ڊگهيون اُميديون رکڻ (4) ۽ دُنيا جي حِرص ۾ مبُتلا ٿيڻ.“ (الجامع الصغير،ص:٦٢، الحديث: ٩٢١)

## دل جي سختي جون نشانيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪان دُوري ۽ هميشه جي بدبختي جو هڪ سبب دل جي سختي به آهي. اڄڪلهه اڪثر ماڻهو پريشانين، مصيبتن، مالي بدحالين ۽ ڪاروباري رُڪاوٽن بابت شڪايتون ڪندا نظر ايندا آهن، غور ڪرڻ گهرجي ته



www.dawateislami.net

انهن تمام مصيبتن جو سبب اسان جي دل جي سختي ۽ ان جي سبب ٿيڻ واري الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان دُوري تہ ناهي؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان جون دليون سختي ۾ پٿر کان بہ وڌيڪ سخت ٿي چڪيون هجن ۽ اسان کي ان جي خبر ئي نہ هجي؟ يقيناً هر بيماري جون ڪجھ نہ ڪجھ نشانيون هونديون آهن، جن سان بيماري جي تشخيص (يعني اُن بيماري جي سڃاڻپ) آسان ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح دل جي سختي جون بہ ڪجھ علامتون آهن، اچو ان مان ڪجھ علامتون پڙهون ٿا.

## (1) عبادات ۾ ڪوتاهي ڪرڻ!

دل سخت ٿيڻ جي هڪ علامت اها آهي جو اِنسان نيڪ عملن کان پاسو ڪندو آهي، جيڪڏهن ڪڏهن مسجد ۾ وڃڻ جي توفيق ملي بہ وڃي تہ خُشوع ۽ خُضوع جي بغير جلدي جلدي اهڙي طرح نماز پڙهندو آهي جو جڻ پنجري ۾ قيد پکي جيڪو جلد آزاد ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. اهڙي طرح بيا فرض ۽ واجب بہ بوجھ محسوس ٿيڻ لڳندا آهن. دل جي سختي جي اها علامت نهايت بُري آهي جوتہ قرآنِ پاڪ ۾ منافقين جي اها ئي علامت بيان ٿي آهي. جيئن ارشادِ باري تَعَالٰي آهي:

وَ اِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰىۙ (پ:۵، النسآ:۱۴۲)

**ترجموڪنزُالايمان:** ۽ جڏهن نَماز تي اُٿندا آهِن تہ ڍِگل دِل سان



www.dawateislami.net

عِبادت میں لگتا نہیں دل ہمارا
ہیں عِصیاں میں بدمست ہم یا اِلٰہی

بڑی کوششیں کی گناہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یا اِلٰہی

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ان آفت (يعني دل جي سختي) کان نجات عطا فرمائي ۽ پنهنجي عبادت ۽ تلاوت ۾ خشوع و خضوع ۽ اخلاص ۽ استقامت جي دولت عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) نصيحت اثر نہ ڪرڻ!

اهڙي طرح دل جي سختي جي هڪ علامت اها بہ آهي جو جڏهن وعظ ۽ نصيحت ۽ آخرت جي ياد ڏيارڻ وارن معاملن يا اوچتو موت جا واقعا پڙهي يا ٻڌي ڪنهن جي دل ۾ فڪرِ آخرت يا نيڪين جي رغبت پيدا نہ ٿئي تہ اها بہ سخت دلي جي علامت آهي .

## (3) آخرت تي دنيا کي ترجيح ڏيڻ!

دل جي سختي جي هڪ علامت اها بہ آهي جو ٻانهو هميشہ رهڻ واري آخرت تي هن دنيا جي عارضي زندگي کي ترجيح ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا ئي کي پنهنجو سڀ ڪجھ سمجهي ڪري ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بي چين رهندو آهي، ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو اهڙو شخص دنيا جي مَحَبَّت ۾ انڌو ٿي گناهن جي



www.dawateislami.net

تاريڪ وادي ۾گر تي ويندو آهي ۽ دنيا ۽ آخرت جي بربادي کان علاوه ڪجھ نہ ورندو آهي.

## (4)اِيمان جو ڪمزور ٿيڻ!

دل جي سختي جي هڪ نشاني اها بہ آهي جو جڏهن ٻانهي جي سامهون حدود الله جي خلاف ورزي ڪئي وڃي ۽ بي شرمي ۽ بي حيائي جي ذريعي گناهن جو بازار گرم ڪيو وڃي تڏهن بہ ان جي غيرتِ ايماني بيدار نہ ٿئي ۽ اهو ان برائي کي نہ روڪي يا روڪي نٿو سگهي تہ دل ۾ ٻُرو بہ نہ ڄاڻي تہ سمجهڻ گهرجي تہ ان جي دل سخت ٿي وئي آهي.

نفس و شیطاں ہو گئے غالب اِن کے چُنگل سے تُو چُھڑا یا ربّ
کر کے توبہ میں پھر گناہوں میں ہو ہی جاتا ہوں مُبتلا یا ربّ
نِیم جاں کر دِیا گناہوں نے مرضِ عصیاں سے دے شِفا یا ربّ
(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص79)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن علامتن ۽ نشانين سان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ دل جي سختي ڪيتري قدر خطرناڪ مرض آهي، دل جي سختي هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا انسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ کان هٽائي نفس ۽ شيطان جو پيروڪار بڻائيندي آهي. دل جي سختي کان جان ڇڏائڻ جو هڪ طريقو هي آهي جو ٻانهو انهن وجوهات ۽ اسباب تي غور ڪري، جيڪي دل جي سختي جو سبب



www.dawateislami.net

بڻجندا آهن ۽ پوءِ انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪري . اچو! ان ۾ ڪجھ اسباب ٻڌون ٿا.

## دنيا جي مَحَبّت:

1. دل جي سختي جو هڪ سبب دنيا جي مَحَبَّت آهي ڇوتہ جڏهن دُنيا جي مَحَبَّت انسان جي دل تي ڇائنجي ويندي آهي تہ دل ان جي طرف متوجھ ٿيڻ لڳندو آهي ۽ پوءِ ذِڪرُالله ۽ عبادت ۾ دل ناهي لڳندي ۽ انسان دنيا جي راند روند تماشن ۽ ان جي فاني رونقن ۾ دل جو چين ۽ سڪون تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پهريان فضول ۽ گناهن پرين ڪمن ۾ دُنيا برباد ڪندو آهي ۽ پوءِ آخرت ۾ بہ ذِلّت ۽ رُسوائي ان جو مُقدر ٿي سگھي ٿي.

2. دل جي سختي جو هڪ سبب فُضول گوئي بہ آهي جو وڌيڪ ڳالهائڻ يا بي سوچي سمجهي ڳالهائڻ زبان جي بين آفتن سان گڏوگڏ دل جي سختي جو باعث بہ بڻجندو آهي،ڇوتہ دلي احساسات کي ظاهر ڪرڻ جو آلو زبان ئي آهي ائين زبان دل جي ترجمان ڇئبي، جڏهن بہ زبان هلندي دل ۽ دماغ ان ڏانهن متوجھ ٿيندا، فالتوءِ بي ڪار ڳالهين۾ مصروفيت جي وجھ سان دل ۽ دماغ الله عَزَّوَجَلَّ جي نشانين ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ، پنهنجي عاقبت (آخرت) سنوارڻ، موت ۽ان کان بعد جي حالتن جي باري ۾سوچڻ جي طرف گھٽ ڌيان ڏيندا، ائين دل خود بخود سخت ٿيڻ شروع ٿي ويندي. حديثِ پاڪ ۾ دل جي سختي جو هڪ سبب فضول گوئي کي قرار ڏنو ويو آهي، جيئن فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى الله تَعَالٰی عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اي انسانو! ذڪر الله کان



www.dawateislami.net

علاوه گفتگو جي ڪثرت نہ ڪندا ڪيو! ڇوتہ ڪثرت سان ڳالهيون ڪرڻ دل جي سختي جو سبب آهي ۽ بيشڪ ماڻهن مان الله عَزَّوَجَلَّ کان وڌيڪ پري اهو شخص آهي جنهن جي دل سخت هجي.
(ترمذي،ڪتاب الزهد ، باب ماجاء في حفظ اللسان، ۴ /۱۸۴، حديث:۲۴۱۹)

3. دل جي سختي جو هڪ سبب ڪثرت سان کلڻ بہ آهي، رسولِ نذير، سِراجِ مُنيرصَلَّي الله تَعَالي عَلَيه والهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ نصيحت نشان آهي: وڌيڪ نہ کلو!ڇوتہ وڌيڪ کلڻ دِل کي مُرده (يعني سخت) ڪندو آهي. (ابنِ ماجہ،ڪتاب الزهد ،باب الحزن والبکاء، ج ۴،ص۴٦۵،حديث ۴۱۹۳) ۽ وڌيڪ کلڻ جو نقصان ٻڌائيندي نبي ڪريم صَلَّي الله تَعَالي عَلَيه والهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: وڌيڪ کلڻ کان بچندا رهو ڇوتہ کلڻ ڇهري جي نور کي ختم ڪندو آهي. (التر غيب والتر هيب ، ڪتاب الادب ، باب في الصمت الاعن خير ، رقم ۲۷ ، ج ۳ ص ۳۴۰، ملتقطاً)

4. دل جي سختي جو چوٿون سبب الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ٿيڻ آهي، ڇوتہ ڪنهن بہ دل جون چار(4) حالتون هونديون آهن: (1) بلندي (2) ڪشادگي (3) پَستي (4) سختي، تہ هاڻي دل جي بلندي ذِڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ۾آهي ،ان جي ڪشادگي رِضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ ۾ آهي، ان جي پستي غير الله عَزَّوَجَلَّ ۾ مَشغُول ٿيڻ ۾ ۽ ان جي سختي يادِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ کان غافل ٿيڻ ۾ آهي. (شاهراه اولياء .صفحه ۱۰)

5. دل جي سختي جو هڪ سبب پيٽ ڀري کائڻ پڻ آهي، جي ها! پيٽ ڀري کائڻ سان جتي عبادت ۾ سُستي ۽ صحت خراب ٿيندي آهي اتي ان جو هڪ نقصان اهو بہ آهي جو پيٽ ڀري کائڻ دل کي



www.dawateislami.net

سخت ڪندو آهي، حضرتِ سَيِّدُنا بِشر بن حارث رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: اهي عادتون جيڪي دل کي سخت ڪنديون آهن انهن مان هڪ ڪثرتِ طعام (وڌيڪ کائڻ) بہ آهي. (حلية الاولياء،بشر بن حارث، ٣٩٢/٨،ملتقطاً) حضرتِ سَيِّدُنا معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: وڌيڪ کائڻ دل جي سختي جو سبب آهي. (حڪايتون ۽ نصيحتون، ص:350)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ دل جي سختي جو هڪ سبب دنيا جي مَحَبَّت آهي ۽ فرمانِ مصطفي صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مطابق دنيا سان مَحَبَّت هر بيماري جي جڙ آهي. دل جي سختي جو ٻيو سبب اسان ٻڌو تہ فضول ڳالهيون ڪرڻ سان بہ دل سخت ٿيندي آهي. افسوس اسان جي اڪثريت هر وقت فُضُول گوئي ايستائين جو فحش گوئي کان بہ پاسو نٿي ڪري، فرمانِ مصطفيصَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: فُحش گوئي سخت دِلي مان آهي ۽ سخت دِلي باھ ۾ آهي.“ (ترمذي، ڪتاب البر والصلہ، باب ماجاء في الحياء، ٤٠٦/٣، حديث: ٢٠١٦) دل جي سختي جو هڪ سبب وڌيڪ کلڻ بہ آهي اميرالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فاروق رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنۡه فرمائن ٿا تہ ”جيڪو شخص وڌيڪ کلندو آهي، ان جو دٻدٻو ۽ رُعب ختم ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو (ڪثرت سان) مزاح ڪندو آهي اهو ٻين جي نظرن مان ڪري ويندو آهي. (احياء العلوم، ج٣،ص١٣٧) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر کان غفلت ۽ گناهن جي ڪثرت کان علاوہ پيٽ ڀري کائڻ بہ دل جي سختي جو سبب آهي جڏهن تہ کائڻ جي عظيم سُنّت اها آهي جو جڏهن بک لڳل هجي تہ کاڌو کائجي نہ تہ بنا بک جي کائڻ سان طاقت تہ ڇا ايندي بلڪ صحت خراب ۽ دل بہ سخت ٿي ويندي.

اِلٰهی میں عمدہ غذائیں نہ کھاؤں



www.dawateislami.net

غمِ مصطفی میں بس آنسو بہاؤں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دل جي سختي جا نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنسان هميشه ان شيء کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جنهن ۾ ان کي فائدا نظر ايندا آهن، جڏهن ته اهي شيون جيڪي نُقصان جو سبب آهن هر سمجهدار شخص اهڙين شين کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. دل جي سختي ۾ به يقيناً ڪو فائدو نه آهي بلڪ سراسر نُقصان ئي نقصان آهي. جڏهن انسان جي دل سخت ٿي وڃي ته ان کي ڪهڙن ڪهڙن نُقصانن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو؟ اچو! اهو به ٻڌون ٿا جيئن،

## پهريون نقصان

دل جي سختي جو هڪ نقصان هي آهي جو انسان گناهن تي دلير ٿي ويندو آهي، ان کي قبر جي وحشت، خوفِ قيامت، حسابِ آخرت ۽ عذابِ جهنم جو ڪو فڪر ناهي هوندو، هر طرح جي نصيحت کان بي پروا ٿيڻ سان گڏوگڏ اهڙو اِنسان بيباڪ ۽ بي لغام ٿي ويندو آهي، نتيجو اهو نڪرندو آهي جو بعض اوقات اهڙو اِنسان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مَدَني حبيب صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ گستاخي ڪري ايمان کان به ويندو آهي. مُفَسّرِ شهير، حڪيمُ الْاُمَّت حضرتِ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص زَبان جو بيباڪ هجي جو هر بُري ڀلي ڳالهه بنا ڊپ جي وات مان ڪڍي ته سمجهي وٺو



www.dawateislami.net

تہ ان جي دل سخت آهي ان ۾ حيا نہ آهي. سختي اهو وڻ آهي جنهن جي جڙ انسان جي دل ۾ آهي ۽ ان جي شاخ دوزخ ۾. اهڙي بي لغام انسان جو انجام اهو ٿيندو آهي جو اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول اللّٰه صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ بہ بي ادب ٿي ڪافر ٿي ويندو آهي.

(مراٰة ج ٦ ص ٦٤١)

مسلماں ہے عطّآر تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻيو نقصان

دل جي سختي جو نقصان اهو بہ آهي جو انسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۽ نيڪ عملن کان بہ محروم ٿي ويندو آهي. حالانڪ اسان جي زندگي جو مقصد ئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ نيڪ عملن جي رغبت رکڻ آهي. جيئن اِرْشادِ باري تعالٰي آهي:

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾

(پ٢٧، الذّٰرِيٰت:٥٦)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مون جنن ۽ انسانن کي ان ڪري بڻايو تہ منهنجي بندگي ڪن

هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد ٿئي ٿو:

الَّذِىْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** اهو جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جو امتحان ٿئي تہ توهان



www.dawateislami.net

(پ:۲۹، المُلک:۲) مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ بهتر آهن .

غور ڪيو تہ اسان جي زندگي جو مقصد الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ نيڪ عمل جي ڪثرت ڪرڻ آهي، پر دل جي سختي اهڙي بيماري آهي جو ان جي ڪري اِنسان پنهنجي حياتي جي مقصد کي بہ وساري ڇڏيندو آهي.

## ٽيون نقصان

دل جي سختي جو هڪ نقصان اهو بہ ٿيندو آهي جو ان جي نحوست سان اڳوڻا نيڪ عمل ضائع ٿي ويندا آهن. جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ڇهہ (6) شيون عملن کي ضايع ڪنديون آهن: (1) مخلوق جي عيبن جي ڳولها ۾ لڳو رهڻ (2) دل جي سختي (3) دُنيا جي مَحَبَّت (4) حيا جي ڪمي (5) لمبيون لمبيون اميدون (6) حد کان وڌيڪ ظلم. (ڪنزالعُمال،ڪتاب المواعظ،الفصل السادس ، الجزء ۱٦، ج ۸، ص ۳٦، حديث : ۴۴۰۱٦)

## چوٿون نُقصان

دل جي سختي جي هڪ نحوست اها بہ آهي جو انسان الله عَزَّ وَجَلَّ جي ناراضگي ۽ ان جي طرفان لعنت (يعني اُن جي رحمت کان دُوري) جو مُسْتَحِق ٿي ويندو. جيئن حضرت ِسَيدُنا علي رَضِي الله تَعَالٰي عَنْه کان مروي آهي تہ رسولِ نذير، محبوبِ ربِّ قدير صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه واٰلهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ نصيحت نشان آهي: منهنجي اُمَّت جي رحمدل ماڻهن کان ڀلائي طلب



www.dawateislami.net

ڪيو انهن جي ويجهو رهندا ڪيو ۽ سنگدل (سخت دل) ماڻهن ڪان پلائي نہ گهرو چو تہ انهن تي لعنت لهندي آهي.

(المستدرڪ ،ڪتاب الرقاق ،باب اشقي الاشقياء من اجتمع ،،،،الخ ،الحديث ۷۹۴۸، ج ۵، ص۴۵۸ )

يا رَبّ پئے رضا مجھے وہ آنکھ دےکہ جو
عشقِ رسولِ پاک میں آنسو بہا سکے
وہ آگ میرے سینے میں آقا لگائیے
پتھر سے سخت دل کو بھی جو کہ جلا سکے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فڪرِ مدينہ!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيئن تہ هينئر اسان دل جي سختي جا 4 نقصان ٻڌا، اسان تنظيمي طور تي پنهنجو جائزو ونون، مثال طور اهي اسلامي ڀائر جيڪي ڀهريان مدني ماحول سان وابستہ هئا، مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ وارا هئا، صداء مدينہ لڳائي مسلمانن کي نماز جي لاءِ جڳائيندا هئا، پر هاڻ پنهنجي نماز جي لاءِ اٿڻ مشڪل لڳندو آهي، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن جيڪي ڪڏهن تہ مدني درس (درسِ فيضانِ سُنّت) جي ذريعي سُنتن جا مدني گل، عاشقانِ رسول تائين عام ڪندا هئا، پر هاڻي ان مدني ڪم کان محرومي آهي، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن جيڪي ڪڏهن چوڪ درس جي ذريعي مسلمانن کي سڌي سڌي گناهن کان بچڻ ۽ نيڪي جي ترغيب ڏياريندا هئا، پر هاڻ چوڪ درس ڏيندي شرم محسوس ٿيندو آهي، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن



www.dawateislami.net

جيڪي ڪڏهن وڏي جوش ۽ جذبي سان قرآنِ ڪريم جي محبت ۾ مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهندا هئا يا پڙهائيندا هئا، پر هاڻي نيڪي جي هن عظيم مدني ڪم جي لاءِ وقت نٿو ملي، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن جيڪي ڪڏهن هفتيواراجتماع جي لاءِ سڄو هفتو عاشقانِ رسول کي هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏيندا رهندا هئا ۽ خود نمازِعصر کان ئي تياري شروع ڪندا هئا، پوءِ ابتداء کان ئي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت، رات اعتڪاف، نمازِ تهجد، صداءِ مدينہ، نمازِ فجر ۽ فجر کان پوءِ مدني حلقي جي برڪتن سان مالا مال ٿيندا هئا، پر هاڻي بعض اوقات هفتيواراجتماع ۾ شريڪ نٿا ٿي سگهن، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن جيڪي ڪڏهن هرهفتي علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت ڪري گهر گهر، دُڪان دُڪان وڃي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا هئا، پر هاڻي گناهن جي وڌندڙ سيلاب ۾ مسلمانن کي وهندڙ ڏسڻ جي باوجود بہ اهو جوشِ ايماني پيدا نٿو ٿئي، اهو جذبو نيڪي جي ان مدني ڪم ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ بيدار نٿو ٿئي، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن جيڪي ڪڏهن مدني قافلي ۾ سفر جي جذبي سان سرشار هڪ هڪ اسلامي ڀاء کي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ تيارڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ها، هن مدني ڪم جي لاءِ خوب اِنفرادي ڪوشش ڪندا هئا، پر هاڻي ڪو جيڪڏهن مدني قافلن ۾ سفر جي دعوت ڏيندو آهي تہ ٽال مٽول ڪري عُذر پيش ڪيو ويندو آهي، اهي اسلامي ڀائر غور ڪن جيڪي ڪڏهن مدني انعامات تي عمل ڪري سُنّتن جي واضح تصوير نظر ايندا هئا، پر هاڻي انهن کي



www.dawateislami.net

مدني انعامات تي عمل ڪرڻ نهايت دُشوار محسوس ٿيندو آهي. اسان سيئي غور ڪيون تہ ڪٿي گناهن جي نحوست ۽ **دل جي سختي** جي نحوست جي ڪري تہ ڪٿي ائين ناهي جو اسان نيڪي جي ڪمن ۾ شامل ٿيڻ کان محروم آهيون، ڪٿي ائين تہ ناهي جو گناهن جي نحوست ۽ دل جي سختي جي وجہ سان اسان کان نيڪين جي توفيق کسجي وئي آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يادرکو!جيڪي بہ اسلامي ڀائر مدني ماحول کان پري آهن يا ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ ان طرح جي دِلچسپي نٿا ونن، جهڙي طرح اڳ ۾ جوش ۽ جذبي سان مدني ڪم ڪندا هئا، اهڙن اسلامي ڀائرن جي باري ۾ ڪڏهن بہ بدگماني کي پنهنجي دِل ۾ جڳهہ نہ ڏيو تہ فُلاڻو تہ گناهن جي ڪري ان مدني ڪم کان محروم آهي، فُلان تہ دل جي سختي جي ڪري هاڻي اهي مدني ڪم نٿو ڪري، بلڪ اسان کي هر مسلمان سان حُسنِ ظن ئي رکڻو آهي. اسان کي بہ هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄڻ گهرجي، ڇوتہ عملن جو اِعتبار خاتمي تي آهي، اللّٰہ تعاليٰ اسان کي ايمان ۽ عافيت سان گنبدِ خضريٰ جي سائي ۾ شهادت جو موت نصيب فرمائي، جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنّت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّي اللہ تَعَالٰي عَلَيہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پاڙي ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِي الْاَمِين صَلَّي اللہ تَعَالٰي عَلَيہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

مسلماں ہے عطاؔر تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یا اِلٰہی



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل جي سختي بابت علاج!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان کي ڪو مُهلِڪ (هلاڪ ڪرڻ وارو) مَرَض لڳي پوي تہ اسان پريشان ٿي ويندا آهيون ۽ ان کان نجات جي لاءِ علاج مُعالجہ شُروع ڪندا آهيون. پر دل جي سختي جيڪا ايتري قدر مُهلڪ باطني بيماري آهي جيڪا دُنيا جي بربادي سان گڏوگڏ آخرت ۾ ذِلّت ۽ رُسوائي جو سبب بڻجي سگهي ٿي، لهٰذا اسان کي بہ گهرجي تہ دل جي سختي جو علاج ڪندي اهڙا ڪم ڪيون جيڪي دل ۾ نرمي پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجندا آهن. اچو! انهن ۾ ڪجهہ علاج ٻڌون ٿا.

## الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف پيدا ڪيو!

دل کي نرم ڪرڻ وارن ڪمن مان هڪ اهو بہ آهي تہ قرآنِ پاڪ جي گهڻي کان گهڻي تلاوت ڪئي وڃي ۽ جن آيتن سڳورين ۾ عذابِ الٰهي جو بيان آهي، انهن تي غور وفڪر ڪيو وڃي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيندو ۽ دل بہ نرم ٿيندي. جيئن تہ سيپاري 23، سُوْرَةُالزُّمَر،آيت نمبر23 ۾ ارشادِباري تعاليٰ آهي:

| | |
|---|---|
| اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ | **ترجموڪنزُالايمان:** الله لاٿو سڀ کا سهڻو ڪتاب جيڪو اول کان آخر تائين هڪ جهڙو آهي، تڪرار سان |



www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| جُلُوۡدُ الَّذِيۡنَ يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ ۚ ثُمَّ تَلِيۡنُ جُلُوۡدُهُمۡ وَ قُلُوۡبُهُمۡ اِلٰى ذِكۡرِ اللّٰهِ ؕ (پ23،زمر:23) | بيان ڪنڌڙ ان سان وار ڪنڌارجي ويندا آهن انهن جي بدن تي جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن پوءِ انهن جون کلونءِ سندن دليون نرم ٿي پون ٿيون، خداجي ياد گيري جي شوق ۾ . |

اي ڪاش! اسان کي بہ روزانہ قرآنِ پاڪ پڙهڻ جي سعادت ملي وڃي، اي ڪاش! آيتن سڱورين ۾ غوروفڪر جي برڪت سان خوفِ خدا نصيب ٿي وڃي ها، اي ڪاش! اسان جي دلين تان غفلت جو پردو هٽي وڃي ها، اي ڪاش! بُري خاتِمي جو خوف ۽ هميشہ پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جو فڪر لڳل رهي ها، پر افسوس صد افسوس! اسان کي ان جو ڪو احساس ئي نہ آهي، اسان پنهنجو ننڍپڻ، جواني ۽ پوڙهائپ ڪيترو وڏو عرصو دُنيا جي فضول ڪمن ۾ وڃائي چڪا آهيون، ڇا ان دوران اسان پنهنجي دل ۾ ڪڏهن خوفِ خُدامحسوس ڪيو؟ ڇا ڪڏهن اسان جي اکين مان خوفِ اِلٰهي جي ڪري لڙڪ نڪتا؟ ڇا ڪڏهن ڪنهن گناه جي لاءِ اٿندڙ قدم ان جي نتيجي ۾ ملڻ واري سزا جو سوچي واپس ٿيا؟ ڇا ڪڏهن رَبّ تعاليٰ جي ناراضگي جو سوچي اسان کي گُناهن کان نفرت محسوس ٿي؟

جيڪڏهن جواب ها ۾ هجي تہ سوچيو تہ جيڪڏهن اسان انهن ڪيفِيتن کي محسوس بہ ڪيو تہ ڇا خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي عملي تقاضن تي عمل پَيرَا ٿيڻ جي سَعَادَت حاصل ڪئي يا مَحض ان ڪيفِيتن کي



www.dawateislami.net

دل تي طاري ٿيڻ سان مُطمئن ٿيا وياسين تہ اسان اللہ تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن مان آهيون ۽ مختلف گُناهن سان پنهنجو اعمال نامو ڪارو ڪرڻ جو عمل جاري رکيو. ۽ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب نفي ۾ اچن تہ غور ڪيو ڪٿي ائين تہ ناهي جو گُناهن جي ڪثرت جي نتيجي ۾اسان جي دل پٿر جيان سخت ٿي چڪي آهي، جنهن جي سبب اسان اڃا تائين انهن ڪيفيتن کان محروم هجون؟ جيڪڏهن واقعي ائين آهي تہ ڳڻتي جي ڳالھ آهي جو اسان جي قَسَاوَتِ قلبي (دل جي سختي) ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ واري غفلت ڪٿي اسان کي جهنّم جي گهرائين ۾ نہ ڪرائي ڇڏي. (وَالْعِياذُبِاللہ)

گنہ لمحہ بہ لمحہ ہائے! اب بڑھتے ہی جاتے ہیں
نہیں پر اس پہ ہائے کچھ ندامت یارسول اللہ
گنہ کرکر کے ہائے! ہو گیا دل سخت پتھر سے
کروں کس سے کہاں جاکر شکایت یارسول اللہ
میں بچنا چاہتا ہوں ہائے! پھر بھی بچ نہیں پاتا
گناہوں کی پڑی ہے ایسی عادت یارسول اللہ
کمر اعمالِ بدنے ہائے! میری توڑ کر ر کھ دی
تباہی سے بچالو جان رحمت یارسول اللہ
(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص 328)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سٺي صحبت اختيار ڪرڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دل ۾ نرمي پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي جو بُرن ماڻهن جي صُحبت کان پري رهو ۽ نيڪ پرهيزگار ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيو. مُفسرِشهيرحڪيمُ الاُمّت مُفْتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيئن لوھ نرم ٿي اَوزار ۽ سون نرم ٿي زيور ۽ مٽي نرم ٿي فصل يا باغ، اٽو نرم ٿي ماني وغيره بڻجن ٿا ائين ئي انسان دل جو نرم ٿي ولي، صُوفي،عارف



www.dawateislami.net

وغيره ٻڌجندو آهي.دل جي نرمي الله (عَزَّوَجَلَّ) جي وڏي نعمت آهي، اها دل جي نرمي بُزرگن جي صحبت ۽ انهن جي پاڪ گفتگو سان نصيب ٿيندي آهي.“ (مراة المناجيح،۲/۷) ۽ نيڪ ماڻهن جي صُحبت اختيار ڪرڻ جو حڪم ته پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو آهي، جيئن سيپاري 11 سُوْرَةُ التَّوْبَة آيت 119 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| ترجموڪنزُالايمان: اي اِيمان وارو! الله کان ڊِجو ۽ سچن جِي صُحبت ۾ هُجو. | | يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ |
|---|---|---|

مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل تفسير صراطُ الجنان جلد 4 صفحه 258 تي آهي هن آيت ۾ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ جو به ثُبوت ملي ٿو چوته انهن سان گڏ ٿيڻ جي هڪ صورت انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ به آهي ۽ انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جو هڪ اَثر اهو ٿيندو آهي جو انهن جي سيرت ۽ ڪردار ۽ چڱا عمل ڏسي پاڻ کي به گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي توفيق ملي ويندي آهي ۽ هڪ اَثر اهو ٿيندو آهي جو دل جي سختي ختم ٿيندي ۽ ان ۾ رِقّت و نرمي محسوس ٿيندي آهي،ايمان تي خاتمي ۽ قبر و حشر جي هولناڪ مُعاملن جو فڪر نصيب ٿيندو آهي، ان ڪري هر مسلمان کي گهرجي ته اهو نيڪ ٻانهن سان تَعلُّقات ٻڌائي ۽ انهن جي صحبت اختيار ڪري ۽ ڪنهن جي به صحبت اختيار ڪرڻ کان پهريان غور ڪري ته اهو ڪنهن جي صحبت اختيار ڪري رهيو آهي حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ



www.dawateislami.net

ڪان روايت آهي، حضورپُرنُورصَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”انسان پنهنجي دوست جي دِين تي هوندو آهي تہ ان کي ڏسڻ گهرجي تہ اهو ڪنهن سان دوستي ڪري رهيو آهي. (ترمذي،۴/۱٦۷،حديث:۲۳۸۵) ۽ دينداردوست تلاش ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي حضرت سَيدُنا عُمر فارُوق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا”سچا دوست تلاش ڪيو ۽ انهن جي پناه ۾ زندگي گُذاريو ڇوتہ اهي خوشي جي حالت ۾ زينت ۽ آزمائش جي وقت سامان آهن. ۽ ڪنهن گنهگار جي صحبت اختيار نہ ڪيو نہ تہ ان وٽان گناه ڪرڻ ئي سکندو. (احياء العلوم ،۲/۲۱۴)

## نيڪ ٻانهي جي دعا تي آمين چوڻ جي برڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دُنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ دِيني مَشغلن ۽ دُنيا جي ضَروري ڪمن کان فَراغت کان پوءِ خَلْوَت يعني تنهائي اختيار ڪيو يا صِرْف اهڙن سنجيده ۽ سنّتن جي پابند اسلامي ڀائرن جي صُحبت حاصل ڪيو جن جو ڳالهيون خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اضافي جو سبب بڻجن ۽ اهو وقتاً فوقتاً ظاهري بُرائين ۽ باطِني بيمارين جي نشاندهي ڪندا رهن ۽ ان جو علاج تجويز ڪندا رهن. اهڙن نيڪ ٻانهن جي خدمت ۾ حاضِري جي سعادت ڪڏهن ڪڏهن مغفِرت جو سبب بڻجي ويندي آهي، جيئن حضرتِ علامہ جلالُ الدّين سُيوطِي شافِعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه شرحُ الصُّدور ۾ نَقل ڪن ٿا: حضرتِ سيدُنا يزيد بن هارون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه چون ٿا: مون حضرتِ سيدُناابُواسحق محمدبن يزيد واسِطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇا ڪئي: الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو مُعامَلہ



www.dawateislami.net

ڪيو؟ تہ اُنھن فرمايو: منھنجي مغفِرت ڪري ڇڏي. مون پڇيو:مغفِرت جو سبب ڇا بڻيو؟ فرمايائون: ھڪ ڀيري حضرتِ سيدُنا ابُو عَمرو بَصري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جُمُعي جي ڏينھن اسان وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ دُعا ڪئي تہ اسان آمين چيو، بس انھيءَ ڪري اسان جي مغفِرت ٿي وئي.

(شَرحُ الصُّدُور ص٢٨٢،ڪتابُ المَنامات مع موسوعة ابن اَبِي الدُّنيا ج٣ ص ١٥٦رقم ٣٣٧)

مجھے بے حساب بخش دے میرے مولیٰ
تجھے واسِطہ نیک بندوں کا یا ربّ

## 12 مدني ڪمن مان ھڪ مدني ڪم ”صداءِ مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! في زمانہ مُسَلمان دِين کان گھٽو پري ٿيندا پيا وڃن. ھڪ تعداد اھڙو آھي جيڪو دُنيوي معاملن ۾ ايتري قدر مصروف ٿي چڪو آھي جو انھن کي آخرت جي تياري جي لاءِ فڪرتائين ناھي، سُنّتون ۽ نفل پڙھڻ تہ رھيو پري، اَڪثَرِيت فرض نمازون تائين قضا ڪندي آھي. انھي ڪري اسان جو مسجدون ويران لڳن ٿيون، اھڙي ۾ انھن کي ٻيھر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ انھيءَ عزم جي تڪميل جي لاءِ جدوجھد ڪرڻ يقيناً سَعادَت کان گھٽ نہ آھي. ان ڪري ڪوشش ڪيو ۽ مدني انعام 35 تي عمل ڪندي صداء مدينہ لڳايو ۽ مسجدن جي آباد ڪاري ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. اچو! ٻڌون ٿا تہ مدني انعام نمبر35 ڇا آھي:

شيخ طريقت، اميرِ اھلسُنَّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ اسلامي ڀائرن جي 72 مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 35 ۾ اِرشاد فرمائن ٿا:" ڇا اڄ



www.dawateislami.net

اوهان صداءِ مدينہ لڳائي؟ (دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ نمازِ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ کي صداء مدينہ لڳائڻ چئبو آهي)"

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تي سگهي ٿو تہ اسان جي اِنْفرادي ڪوشش سان ڪو پڪو نمازي بڻجي وڃي ۽ اسان جي لاءِ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي وڃي. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## بي نمازي، نمازي بڻجي ويو

سردارآباد (فيصل آباد، پنجاب پاڪستان) جي هجويري ٽاون، محلہ بلال گنج ۾ مقيم اسلامي ڀاء جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه مدني ماحول کان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مَعَاذَاللہ عَزَّ وَجَلَّ مان هڪ ماڊرن، ڪلين شيوڊ، فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ منهنجو پسنديده شغل هو، پنج وقت جي نماز تہ ڇا جمعو پڙهڻ کان بہ محروم رهندو. هڪ ڏينهن ڪنهن عزيز جي گهر وڃڻ ٿيو، اتي وينِي وينِي اوچتو منهنجي نگاهہ الماري ۾ رکيل هڪ اسلامي ڪتاب تي پئي، مون اهو ڪتاب ڪنيو ۽ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڪتاب تمام سٺو هو ان ڪري منهنجي دل ۾ ديني ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو، پوءِ مون پنهنجي دوست کان مطالعي جي لاءِ ڪجهہ ڪتاب گهريا، ان مون کي قبر و آخرت جي باري ۾ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جا ڪجهہ رسالا ڏنا. جڏهن مون انهن رسالن جو مطالعو ڪيو تہ مون تي رِقّت طاري ٿي وئي، منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ان



www.dawateislami.net

ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ مون هينئر تائين غفلت ۾ زندگي گذاري رهيو هئس. انهيءَ وقت مون سچي دل سان گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪئي، نمازي بڻجي ويس. دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ بہ حاضر ٿيڻ لڳس. چهري کي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي کي عمامي شريف سان سجائي ورتو ۽دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. (ڪاري وچون جو خوف:٢٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سادگي اختيار ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دل ۾ نرمي پيدا ڪرڻ جي لاءِ غذا سان گڏوگڏ لباس ۾ بہ سادگي اِخْتيار ڪرڻ گهرجي ۽ ٿي سگهي تہ ڪپڙن ۾ چتيون لڳائيندا ڪيو، ڇو تہ چتيون لڳل ڪپڙا پائڻ سان دل نرم ٿيندي. هڪ ڀيرو اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، علي المُرتَضيٰ شيرِخدا ڪَرَّمَ الله تَعَالٰي وَجْهه الْكرِيم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو، اوهان پنهنجي قميص ۾ چتيون ڇو لڳائيندا آهيو؟ فرمايائون: يَخْشَعُ القَلْبُ وَ يَقْتَدِى بِه الْمُؤمِنُ يعني ان سان دل نرم رهندي آهي ۽ مومِن ان جي پَيروي ڪندو آهي (يعني مومِن جي دل نرم ٿي هئڻ گهرجي) (حلية الاولياء ج١ص١٢٤)

## سادي لباس جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ چتيون لڳل لباس پائڻ سان مومن جي دل نرم ٿيندي آهي پر في زمانہ مسلمانن جي حالت هي



www.dawateislami.net

آهي جو غير مسلمن جي نَقّالي ڪندي نِت نئون ڊيزائن ۽ طرح طرح جي تَراش خَراش وارو لباس پائڻ تي فخر محسوس ڪندا ۽ ان طرح ڪا لباس پائڻ ۾ پنهنجي عزت سمجهندا آهن. ياد رکو! انسان جي عزت وعظمت لباس کان ناهي بلڪ ان جي ڪردار سان ٿيندي آهي، ڪنهن جو لباس تہ نهايت قيمتي هجي پر عادت واَطوار نيڪ نہ هجن تہ ڪو بہ اهڙي شخص کي پسند نٿو ڪري. ڪي ماڻهو بيِن کي مُعاشري ۾ هينانهون ڏيکارڻ جي لاءِ مهانگا لباس پائيندا آهن ۽ پاڻ تڪبُّر جي آفت ۾ گرفتار ٿي ان جي دل آزاري جو سبب بڻجندا آهن. ڪي اهڙو سنهو لباس پائيندا آهن جو جنهن سان جسم جا اهي حصّا بہ ظاهر ٿيندا آهن جن کي لڪائڻ ضروري آهي. تنهنڪري فيشن وارو لباس پائڻ جي بدران سُنَّت جي مُطابق لباس پايو ۽ سادگي اپنايو، ان جي برڪت سان ٻنهي جهانن ۾ بيڙو پار ٿيندو۔ اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

تاجدارِ مدينہ صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيه واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو قدرت باوُجُود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (عاجِزي) جي طور تي ڇڏي ڏيندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي ڪرامت جو حُلَّہ (يعني جنّتي لباس) پارائيندو.

(ابو داود ج ۴ ص ٣٢٦، حديث ۴٧٧٨)

## فيشن پرستو! خبردار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀلي اوهان تہ ٻانهي وٽ دولت آهي، عُمده لباس پائڻ جي طاقت آهي، پوءِ بہ اللّٰه رَبُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر عاجِزي اختيار ڪندي ساده لباس پائڻ وارو جنّتي لباس پائيندو ۽



www.dawateislami.net

ظاهر آهي جيڪو جنّتي لباس پائيندو اهو يقيني طور تي جنّت ۾ به ويندو. ماڻهن تي رُعب وجهڻ، اميراڻو نٺ ڪرڻ ۽ مَحض پنهنجي نفس جي لاءِ ماڻهن ڪي مُتاثِر ڪرڻ جي خاطِر نُمايان، فينسي ۽ چمڪيلو لباس پائڻ وارا اها روايت پڙهن ۽ فڪر ڪن، جيئن

حضرتِ سيدُنا عبدُاللّٰہ ابنِ عُمر رَضِيَ اللہ تَعَالٰي عَنْهمَا کان مروي آهي،تاجدارِ مدينہ صَلَّي اللہ تَعَالٰي عَلَيہ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: دُنيا ۾ جنهن شُهرت جو لِباس پاتو، قِيامت جي ڏينهن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کي ذِلّت جو لِباس پارائيندو. (سنَن ابن ماجہ ج۴ ص ٦٣ ١ حديث ٣٦٠٦ )

## لباسِ شُهرت ڇا کي چئبو آهي؟

مُفسّرِشهير حڪيمُ الامّت حضرتِ مُفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تَحت فرمائن ٿا، يعني اهڙو لباس پائڻ جو ماڻهو امير (يعني مالدار) سمجهن يا اهڙو لباس پائي جو جنهن سان ماڻهو نيڪ پرهيزگار سمجهن، اهي ٻئي قسم جا لباس، شُهرت جا لباس آهن . مطلب تہ جنهن لباس ۾ نيت اها هجي تہ ماڻهو ان جي عزّت ڪن اهو ان جو لباسِ شهرت آهي .صاحِبِ مِرقاة رَحمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو، مَسخرن وارن لباس پائڻ، جنهن سبب ماڻهو کلن اهو بہ لباسِ شُهرت آهي.

(مُلَخَّص از مراٰة ج ٦ ص ١٠٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقِعي سخت امتحان آهي ،لباس پائڻ ۾ نهايت غور ڪرڻ ۽ ڏيکاء کان بچڻ جي سخت ضَرورت آهي ۽ جيڪي ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ سادو لباس ۽ عِمامہ و چادر وغيره اپنائي ٿو، اهو



www.dawateislami.net

رِيا ڪار ۽ جهنّم جو حقدار آهي. اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان اِخلاص جي خيرات گھرون ٿا.

مِرا ہر عمل بس تِرے واسِطے ہو　　کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰهي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موت کي ياد ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دل ۾ نرمي پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي جو پنهنجي موت کي ڪثرت سان ياد ڪيو وڃي.حضرت سَيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْها جي بارگاه ۾ هڪ عورت دل جي سختي جي شڪايت وٺي حاضر ٿي تہ پاڻ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْها ان جو اهو علاج ارشاد فرمايو:”موت کي ڪثرت سان ياد ڪيو توهان جي دل ۾ نرمي پيدا ٿيندي .“ان ڪجھ ڏينهن ائين ئي ڪيو پوءِ جڏهن ان جي دل ۾ نرمي پيدا ٿي وئي تہ اُمُّ المومنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْها جي بارگاه ۾ حاضر ٿي ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْها جو شڪريو ادا ڪيو.

(اتحاف السادة المتقين،۱۴/۲۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي موت کي ڪڏهن نہ وسارڻ گهرجي ۽ دُنيا جي مَحَبَّت کان پيڇو ڇڏائي زندگي جي باقي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي وڌ کان وڌ عبادت، فڪرِ آخرت ۽ موت کي ياد رکڻ سان گڏوگڏ ان جي تياري ۾ گذارڻ کپن. حُجةُ الاسلام حضرت سَيدُنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا: موت خوفناڪ آهي ۽ ان جو خطرو نهايت وڏو آهي پر پوءِ بہ ماڻهو ان کان غافل آهن جو نہ ان جي باري



www.dawateislami.net

۾ سوچ ويچار ڪندا آهن نہ ان ڪي ياد ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو ياد بہ ڪندو آهي تہ بي توجهي سان ڪندو آهي جو دل دُنياوي خواهشن ۾ مشغول رهندي آهي لهٰذا موت جي ياد سان دل ڪي ڪو فائدو نٿو ٿئي، البت فائدو ان طريقي سان پهچي سگهي ٿو جو موت کي پنهنجو آڏو سمجهندي ياد ڪري ۽ ان جي علاوه هر شيء کي پنهنجي دل کان ڪڍي ڇڏي، جيئن ڪو شخص خطرناڪ جنگل ۾ سفر جو اِرادو ڪري يا سامونڊي سفر جو اِرادو ڪري تہ بَس ان جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪندو رهندو آهي، ان ڪري جڏهن موت جي ياد جو تعلُّق دل کان سڌو سئون هوندو تہ ان جو اثر بہ ٿيندو ۽ علامت اها هوندي جو دنيا مان دل ايترو تنگ ٿي چڪو هوندو جو دنيا جي هر خُوشي بي معني ٿي ويندي. (احياء العلوم، ۵/۱۹۵)

## قبرن جي زيارت ڪرڻ

دل جي سختي دُور ڪرڻ جي لاءِ وَقتاً فوقتاً قبرن جي زِيارت بہ ڪندو رهڻ گهرجي، انهن ۾ موجود مُردن جي بي بسي تي ان طرح غور ڪيو جو انهن مان بعض انسان دنيا ۾ پنهنجي ڪپڙن تي مٽي جو هڪ داغ برداشت نہ ڪندا هئا اج پاڻ قبر ۾ مٽين مٽي هيٺ پيا آهن، انهن مان بعض اهڙا نازُڪ مزاج هئا جو پنهنجي نڪ تي ڪڏهن مک نہ ويهڻ ڏيندا هئا پر اج قبر ۾ ڪيڙن مڪوڙن انهن جو ڇا حال ڪري ڇڏيو هوندو؟ قبرن جي زيارت ڪري ان طرح غور و فڪرڪرڻ سان اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دل ۾ نرمي پيدا ٿيندي جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي اِرْشاد فرمايو: مان توهان کي



www.dawateislami.net

قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو پر هاڻي توهان قبرن جي زِيارت ڪيو، جو اها دل کي نرم ڪندي، اکين مان لڙڪ ڪيندي ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (المستدرڪ،ڪتاب الجنائز،١/٧١٠،الحديث:١٤٣٣)

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اڄ اسان دل جي سختي جي باري ۾ بيان ٻڌو، يقيناً دل جي سختي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ڇڻ سزا آهي جو جنهن جي سبب انسان وڏي کان وڏو گُناهه بہ ڪندو آهي ايستائين جو ڪفر تائين وڃي پهچي ٿو، دل جي سختي انسان کي ظالم بڻائيندي آهي، دل جي سختي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان پري ڪري ڇڏيندي آهي، دل جي سختي بدبختي جي علامت آهي، دل جي سختي عبادت کان پري ڪندي آهي، دل جي سختي ايمان کي ڪمزور ڪندي آهي، دل جي سختي گُناهن تي دلير ڪندي آهي، دل جي سختي اڳوڻن نيڪ عملن کي ضائع ڪندي آهي ،دل جي سختي جي هڪ نحوست اها بہ آهي تہ انسان جي دل تي نصيحت جي ڪا ڳالهه اثر ناهي ڪندي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دل کي سخت ڪرڻ وارن اسبابن تي غور ڪندي انهن کان بچڻ جي توفيق عطافرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان



www.dawateislami.net

مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مِشْکاة الْمَصابِيح ،ج۱ ص۵۵ حديث ۱۷۵ دارالکتب العلمية بيروت )

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”اَلسّلامُ علَیکُم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان سلام جا 11 مدني گل

﴾ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ﴾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان ٻه بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433) ﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (ڪيمياء سعادت ) ﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله به چوندا ته 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ ته 30 نيڪيون ٿي وينديون. ﴾ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلامُ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ﴾ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴾ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح



www.dawateislami.net

تَلَفُّظ ياد ڪري ونو. پهريان مان چوان تو اوهان ٻڌي دُهرايو: اَلسَّلامُ عَلَيكُمْ (اَسْ۔سَلامُ ۔عَلَيْ۔كُمْ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان تو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيكُمُ السَّلام (وَعَلَيْكُ۔مُسْ۔سَلَام)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَ عَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَ سَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (رجب المرجب جي هر هفتيوار اجتماع ۾ هي دعا پڙهائي وڃي)

رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي! جڏهن رجب جو مهينو ايندو تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعبَانَ وَ بَلِّغنَا رَمَضَان۔

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رمضان تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3، ص 85، حديث 3939)



www.dawateislami.net